ڊاڪٽر رشدالله مخمور بخاري

# سچل سرمست جو فارسي ڪلام ۽ پيش روئن جو ذڪر

# PERSIAN POETRY OF SACHAL SARMAST AND ITS INSPIRATION

**ABSTRACT**

*Sachal Sarmast (1739–1827) is the Great Classical Poet of Sindh. He wrote poetry in Four languages: Sindhi, Siraiki, Persian, Urdu.*

*His Persian Poetry is highly beautiful and very important. He wrote "Ghazal", "Masnavi", and "Qataa" in Persian Language. His poetry is particularly inspired from the Great Persian Poet Fareeduddin Attar, therefore he is called "Attar of Sindh". Sachal Sarmast was also inspired from Molana Roomi and Abdul Rehman Jami. In this paper I have traced out beauty of themes and Art of Persian poetry of Sachal Sarmast with references to its inspirations.*

پس منظر:

سنڌ جي ادبي تاريخ جي ورق گرداني سان معلوم ٿيندو ته سچل سرمست جو ڪلام گڏ ڪري شايع ڪرائڻ وارو سلسلو سيد فاضل علي شاهه جي مرتب ڪيل ڪتاب "ڪافين جو ڪتاب1883" ع ڏاري ڪمشنر صاحب بهادر جي پريـــس مان شايع ٿيڻ سان ٿيو، هي پهريون ڪتاب هو جنهن ۾ سچل سائين جي چائيتاليهه سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون هڪ هنڌ شايع ڪيون ويون هيون. ان ڪان

پوءِ مشهور مصنف ليلا رام وطن مل سال 1890ع ڌاري شاهه عبداللطيف بابت هڪ ڪتاب ”دي لائيف، رليجن ائنڊ پوئٽري آف شاهه عبداللطيف“ شايع ڪرايو؛ جنهن ۾ پڻ مختلف هنڌن تي سچل سرمست جو شعر سمجهاڻي طور ڪتب آندو ويو آهي. سچل جي ڪلام گڏ ڪرڻ يا شايع ڪرائڻ وارن انهن ابتدائي ڪوشش بعد سنڌ جي ناملياري عالم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي پاءُ مرزا علي قلي بيگ پرپور علمي جاکوڙ کان پوءِ سچل سائين جو ڪلام گڏ ڪيو؛ جيڪو هن ”رسالو ميان سچل فقير جو “جي عنوان سان شايع ڪرايو؛ جنهن جو پهريون ڀاڱو 1902ع ۾ ۽ ٻيو ڀاڱو 1903ع ۾ شايع ٿيو. هي پهريون عالم آهي جنهن سچل سائين جي جهجهي ڪلام پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ سرمست سائين جي زندگي متعلق پڻ وافر مواد تحرير ڪيو آهي، سال 1910ع ۾ ميان درمحمد ۽ ٻين”داستان وڏو “ جي عنوان هيٺ سرمست سائين جو ڪلام سهيڙيو، اهڙي ريت 1933ع ۾ آغا غلام نبي صوفي، سچل سائين بابت هڪ اهم ضخيم ڪتاب ”سچل سرمست “لکي شايع ڪرايو، ان کان سواءِ هندستان جي شهر بڙودا مان، سچل جي هندو فقير عورت ”هاسي عرف نماڻو فقير “سچل جو ڪلام مرتب ڪري ”سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام“ 1952ع ۾ شايع ڪرايو. اهڙي طرح رشيد احمد لاشاري، عثمان علي انصاري، قاضي علي اڪبر درازي ، مولانا صادق راڻيپوري، مخدوم امير احمد، ڪلياڻ آڏواڻي، اسلم رسولپوري، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر نواز علي شوق، مولانا عبدالخالق ابابڪي، تيرٿداس، ڊاڪٽر تنوير عباسي،آغا سليم،تاج جويي، اختر درگاهي ۽ پرڏيهي عالم گربليويڪي، ريٽا شاهاڻي ۽ ٻين سرمست سائين جي فن ۽ فڪر ۽ شخصيت متعلق قلم کنيو.

سچل سرمست جي ڇئن زبانن ۾ چيل ڪلام مان فارسي ڪلام کي وڏي اهميت حاصل آهي. ”فارسي زبان قديم دور کان ايران ۾ عام واهپي جي ٻولي رهي آهي، جيڪا اتان مختلف ذريعن سان سنڌ پهتي، ڇاڪاڻ ته ايران ۽ سنڌ جا ڪافي پراڻا تعلقات رهيا آهن.“(راشدي،300:2002) سنڌ ۾ فارسي شاعري جا ابتدائي اهڃاڻ اسان کي تيرهين صدي عيسوي کان ملن ٿا. ”اُن حوالي سان محققن علي بن حامد ڪوفي ۽ قلندر لعل شهباز جا نالا ڳڻايا آهن.“(سدارنگاڻي،1987: 10) اهڙي طرح ”سما دور(1520ع - 1350ع) ۾ به ڪن شاعرن فارسي ۾ شعر چيو جن ۾ شيخ حماد جمالي، شيخ عيسيٰ، چام

نظام الدين عرف ڄام نندو ۽ مخدوم بلال جا فارسي شعر تذڪرن ۾ محفوظ آهن“.(لاکو،1987: 101- 100) ”سنڌ تي شاه بيگ ارغون جي قبضي(927ھ/ 1520ع) بعد ئي سنڌ ۾ فارسي زبان جو واهپو عام جام ٿيڻ لڳو. شاه بيگ جو پٽ شاه حسين ارغون پاڻ به فارسي جو شاعر هو ۽ ”سپاهي“ تخلص ڪندو هو. انهي ڪري ئي فارسي زبان حڪمرانن جي ٻولي هئڻ ڪري وڏو مرتبو حاصل ڪيو ۽ سنڌ اندر هن ئي دور ۾ قرآن پاڪ جا ترجما، تفسير، ملفوظات، سوانح، سنڌي تاريخ ۽ عشقيه قصن بابت لکيو ويو. هن ئي دور ۾ فارسي زبان سنڌ جي سرڪار زباني بڻي“(لاکو،1997:10). ڪلهوڙا دور(1700ع _ 1782ع) ۾ به فارسي کي سرڪار جي سرپرستي حاصل رهي ۽ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم هن زبان ۾ جاري رهيو ۽ اهڙي طرح ٽالپر دور (1782ع_1843ع) ۾ پڻ فارسي زبان کي مان مرتبي واري ٻولي ليکيو ويندو هو. هن دور جي لاتعداد عالمن، اديبن، مؤرخن ۽ شاعرن فارسي ۾ پنهنجا شعر ۽ تصنيفون قلمبند ڪيون.

سنڌ ۾ فارسي جا آثار گهٽي وقت کان رهڻ ڪري ٽالپر دور تائين اڻ ڳڻين سنڌي عالمن، فاضلن ۽ شاعرن پنهنجي لکڻ پڙهڻ ۽ اندر جي اظهار لاءِ فارسي زبان کان گهڻي مدد ورتي. سچل سرمست به پنهنجي وقت جي ادبي ماحول کان متاثر ٿيڻ کان رهي نه سگهيو ۽ هن به پنهنجي اظهار جو ذريعو سنڌي، سرائڪي، اردو کان سواءِ فارسي کي به بڻايو.

<u>تصنيفن جو تعارف:</u>

سچل سرمست جي فارسي ڪلام جو تعداد گهڻو آهي جيڪو غزل، مثنوي ۽ قطعه جي صورت ۾ موجود آهي، جنهن ۾ هن پنهنجو تخلص ”آشڪار “ ۽ ”خدائي “ڪم آندو آهي.

”مخدوم امير احمد، سچل جي ديوان آشڪار کان سواءِ سندس پنجن مثنوين 1. مثنوي رازنامه 2. مثنوي رهبر نامه 3. مثنوي گداز نامه 4. مثنوي تارنامه 5. مثنوي وصلت نامه جو ذڪر ڪيو آهي.“(خليل،1992:74). قاضي علي اڪبر درازي، ”ديوان آشڪار“ ۾ مخدوم امير احمد جي بيان ڪيل پنجن مثنوين کان سواءِ ٽن مثنوين 1. وحدت نامو 2. عشق نامو 3. درد نامو جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان سواءِ هن غزل جو هڪ مختصر ديوان ”ديوان خدائي “

۽ فارسي ۾ تصوف جي متعلق نثري تصنيف نڪته تصوف “۽ غزل بحر طويل جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. اهڙي ريت سچل سرمست جو ”ديوان آشڪار “ڪان سواءِ تصنيفن جو تعداد يارنهن ٿيندو.

ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ”ديوان آشڪار “ڪان سواءِ مخدوم امير احمد جي ذڪر ڪيل پنجن مثنوين ڪان سواء چئـــــن وڌيـــڪ مثنوين 1. ساقي نامو 2.عشق نامو 3. درد نامو 4. وحدت نامو جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان ڪان سواءِ غزل بحر طويل جو به حامي صاحب وٽ ذڪر ملي ٿو. مخدوم امير احمد جي بيان ڪيل پنجن ۽ قاضي علي اڪبر درازي جي بيان ڪيل ٽن وڌيڪ مثنوين ڪان سواءِ ڊاڪٽر عطا محمد حامي، هڪ وڌيڪ مثنوي ”ساقي نامو “جو ذڪر ڪيو آهي. جڏهن ته ڊاڪٽر صاحب ””ديوان خدائي “۽ فارسي تصنيف ”نڪته تصوف “جو ڪو به ذڪر نه ڪيو آهي. ساڳي وقت مرزا علي قلي بيگ: ”ديوان خدائي“ کي سچل سائين جي فارسي تصنيف ڄاڻايو آهي“(بيگ،22:1902). البته غزل بحر طويل تي ”حامي “صاحب سخت تنقيد ڪندي ان کي سچل سرمست جي تصنيف تسليم نٿو ڪري. عطا محمد حامي ان ڏس ۾ لکي ٿو:

”هي غزل نما قطعه جي صورت ۾ هڪ طويل نظم آهي، جيڪو سچل سائين ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. هن ۾ لفظي، معنوي ۽ تاريخي لحاظ کان بيشمار غلطيون آهن. ان ڪان سواءِ سچل سائين جي آفاقي مسلڪ تي پڻ قائم نٿو بيهي. شايد ڪنهن اناڙي ملان هي نظم لکي عارف سچل ڏانهن منسوب ڪيو آهي“.(حامي،18:1967)

ڊاڪٽر وفا راشدي پنهنجي ڪتاب ”مهران نقش “۾: قاضي علي اڪبر درازي جي بيان ڪيل فهرست کي ئي پيش ڪيو آهي. جڏهن ته رشيد احمد لاشاري پنهنجي ڪتاب ”سچل سرمست “۾ ”ديوان آشڪار “ڪان سواءِ عطا محمد حامي جي پيش ڪيل اٺن مثنوين ۽ غزل بحر طويل جو ذڪر ڪيو آهي. پر ان ۾ مثنوي دردنامو جو ذڪر نه آهي. هن صاحب پنهنجي ڪتاب ۾هڪ ٻي هنڌ ديوان آشڪار ڪان سواءِ ڇهين مثنوين، رازنامو، گدازنامو، تارنامو، عشق نامو، رهبر نامو ۽ وصلت نامو سان گڏ مرغ نامو کي به سچل جي فارسي تصنيف ڄاڻايو آهي. جڏهن ته ”مرغ نامو، سچل سرمست جي سنڌي تصنيف آهي. ”مرغ نامو جا بيت سچل جي سنڌي ڪلام ۾ موجود

آهن“(خليل،78:1992). اڄ تائين ڪنهن به محقق مرغ نامي ڪي سچل سائين جي فارسي تصنيف نه لکيو آهي. لاشاري صاحب ته مرغ نامو فارسي مان يارنهن شعر نموني طور پنهنجي ڪتاب ۾ درج پڻ ڪيا آهن. جڏهن ته اهي فارسي شعر وحدت نامو ۾ موجود آهن ان ڪري مرغ نامو ڪي سچل جي فارسي تصنيف چئي نٿو سگهجي.

سچل سرمست جي فارسي تصنيفن بابت اسان هت محققن جي راءِ پيش ڪئي آهي، ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي ته هن ڏس ۾ ساقي نامو، ديوان خدائي، غزل بحر طويل ۽ نڪته تصوف اختلافي تصنيفون آهن. غزل بحر طويل بابت حامي صاحب جي ڪيل تنقيد جو ذڪر اسان اڳ ڪري آيا آهيون. عطا محمد حامي، سچل سائين جي فارسي مثنوين جو منظوم سنڌي ترجمو ڪيو آهي. سندس نظر سچل سائين جي ڪلام تي گهڻي گهري آهي. اسان هت پڻ حامي صاحب جي ئي پيش ڪيل راءِ کي قبول ڪيون ٿا. جنهن تحت سچل سائين جون تصنيفون ديوان آشڪار سميت ڏهه ٿينديون. ان کان پهرين جو اسان سچل سرمست جي فارسي شاعري جو ذڪر ڪريون ته ان کان بهتر ٿيندو ته سندس فارسي تصنيفن جو مختصر تعارف پيش ڪندا هلون.

**<u>1. ديوان آشڪار:</u>**

سچل سائين جي فارسي غزلن ۽ ڪجهه قطعات جو هي مجموعو پهريون ڀيرو مير علي مراد خان جي ڪوشش سان ٻيو ڀيرو آغا صوفي ۽ ديوان ولڀداس شڪارپوري جي ڪوشش سان، ٽيون ڀيرو ڪي، ڊي لاله جي سيعي سان1957ع ۾ ۽ چوٿون ڀيرو قاضي علي اڪبر درازي جي اردو ترجمي سان محڪمه اوقاف ڪاتي پاران ٻن جلدن (جلد اول1981ع، جلد دوم1982ع) ۾ شايع ٿيو.

”هي ڪتاب تصوف جو هڪ املهه ماڻڪ ۽ بي بها خزانو آهي ۽ سچل سرمست جي بي خودي، ذوق، مستي ۽ بيباڪي جو ترجمان آهي.“(حامي،86:1983)

**<u>2. ساقي نامو:</u>**

هن ۾ سچل سرمست جا ايڪيهه قطعا آهن جيڪي ”بحر رمل جي ٻن وزنن تي چيل آهن. هنن قطعن ۾ ازل جي ساقي کان معرفت جي شراب ۽ حقيقي عشق جي درد حاصل ڪرڻ جي طلب ڪئي ويئي آهي.“(حامي،87: 1983)

ساقي نامو جو سنڌي منظوم ترجمو عطا محمد حامي ڪيو جيڪو ماهوار نئين زندگي مئي1956ع ۾ شايع ٿيو.

**3. مثنوي راز نامو:**

”هي مثنوي ۾ بحر رمل مسدس محذوف ۾ چيل 862 شعر درج آهن. هن ۾ ننڍين حڪايتن ۽ تمثيلن جي ذريعي تصوف جي مشهور معروف وحدت الوجود جي مسئلي جي اپٽار سان گڏ خود شناسي جي تعليم ڏني وئي آهي.“ (حامي،87: 1983)

هي مثنوي قاضي علي اڪبر درازي جي سنڌي نثري ترجمي سان سال 1968ع ۾ سچل سرمست ڪو آپريٽو اڪيڊمي طرفان شايع ٿي جنهن ۾ اصل فارسي مثنوي به شامل آهي ۽ عطا محمد حامي جي منظوم ترجمي سان ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر ۽ نومبر 1963ع وارن شمارن ۾ پڻ شايع ٿي.

**4. مثنوي تارنامو:**

هن مثنوي ۾ بحر رمل مسدس محذوف ۾ چيل 146 شعر شامل آهن. ”هن ۾ تنبوري جي تار جي زباني معرفت جون رمزون بيان ڪندي مختلف تشبيهن جي ذريعي همه اوست جو سبق سمجهايو ويو آهي. مثنوي جي آخر ۾ درازن جي درگاهه ۽ فقيري سلسلي جو احوال قلمبند پڻ ڪيو آهي.“(حامي،44-45:1983)

هي مثنوي عطا محمد حامي جي منظوم سنڌي ترجمي سان ٽماهي مهراڻ1-2/1957ع ۾ شايع ٿي ۽ قاضي علي اڪبر درازي جي ڪيل اصل فارسي متن سان سنڌي نثري ترجمي سان سال 1963ع ۾ سچل سرمست ڪوآپريٽو اڪيڊمي پاران شايع ٿيو.

**5. مثنوي گداز نامو:**

”هن مثنوي ۾ وحدت الوجود جو پرچار ڪندي چيو ويو آهي ته جڏهن سالڪ پنهنجي جسماني هستي کي فنا ڪندو تڏهن ئي حقيقي بقا ماڻي سگهندو. جڏهن عبد، معبود سان گڏبو تڏهن غير فاني ٿي ويندو ۽ معبود جي هستي وچي بچندي.“ (حامي،45:1983)

هن مثنوي ۾ 224 شعر آندل آهن ۽ رمل مسدس محذوف جي بحر تي چيل آهي. مثنوي گدازنامه پڻ قاضي علي اڪبر درازي جي ڪيل اصل فارسي متن سان گڏ سنڌي نثري ترجمو سال 1962ع ۾ شايع ٿيو ۽ عطا محمد حامي پڻ ان جو منظوم ترجمو ڪيو. جيڪو 1963ع ۾ ڪتاب سچل سونهارو ۾ شايع ٿيو.

**6. مثنوي عشق نامو:**

”هن مثنوي ۾ انسان جي عظمت جو بيان ڪيو ويو آهي. سچل سائين سمجهائي ٿو ته حق جي ذات انسان ۾ لامڪان جا راز ۽ رمزون رکي عشق جي آڳ جلائي چڏي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هو لامڪان جو شهباز بڻجي پيو آهي.“ (حامي،46:1983) عشق جي وستار ڪندي عقل ۽ عشق جي بحث ۾ عقل کي عشق جو دربان ثابت ڪيو ويو آهي.

هن مثنوي ۾ 151 شعر شامل آهن جيڪي پڻ بحر رمل مسدس محذوف ۾ چيل آهن. هن مثنوي جو سنڌي نثري ترجمو قاضي علي اڪبر درازي سال 1962ع ۾ شايع ڪيو جنهن ۾ اصل فارسي متن پڻ شامل آهي ۽ منظوم سنڌي ترجمو عطا محمد حامي ڪيو. جيڪو ماهوار نئين زندگي ۾ ترتيبوار مارچ 1963ع، مئي 1963ع ۽ جون 1963ع ۾ شايع ٿيو.

**7. مثنوي دردنامو:**

”هن مثنوي ۾ سالڪ کي سمجهاڻي ڏني وئي آهي ته جيڪڏهن هو درد واري بيخودي ۾ رهندو ته فنا جو ماڳ ماڻي بقا جو حال حاصل ڪندو اهو ئي وحدت جو سچو رستو آهي.“ (حامي،47:1983)

هي مثنوي به بحر رمل مسدس محذوف ۾ چيل آهي ۽ منجهس ڪل 86 شعر آهن. دردنامو قاضي علي اڪبر جو ڪيل اصل فارسي متن سنڌي نثري ترجمي سان سال 1963ع ۾ شايع ٿيو. هن جو عطا محمد حامي منظوم سنڌي ترجمو ماهوار نئين زندگي مئي 1963ع ۾ ڇپائي نروار ڪيو.

**8. مثنوي رهبر نامو:**

”هن مثنوي ۾ شاعر هڪ سوداگر جي حڪايت پيش ڪري تمثيل ذريعي ٽن قسمن جي ماڻهن جو بيان ڪري ٿو. پهريان عام ماڻهو جيڪي کاڌي پيتي جون شيون خريد ڪندڙ آهن. انهن جي زندگي ورد وظيفي تائين محدود

آهي. ٻيا زرين لباس خريد ڪن ٿا. اهي خاص ماڻهو آهن جيڪي ڪشف ڪرامت جي منزل کان اڳتي نڪتا وڃن. ٿيان وري اهي بادشاهه آهن جيڪي لعل ۽ گوهرن جا خريدار آهن. اُهي سچا عاشق آهن.“ (حامي،88:1983)

هي مثنوي بہ بحر رمل مسدس محذوف ۾ آهي ۽ 521 شعرن تي مشتمل آهي. جيڪا قاضي علي اڪبر درازي جو ڪيل سنڌي نثري ترجمو اصل فارسي متن سان سال 1964ع ۾ شايع ٿيو ۽ عطا محمد حامي جو ڪيل منظوم سنڌي ترجمو ماهوار نئين زندگي سيپٽيمبر 1965ع ۾ شايع ٿيو.

**9. مثنوي وصلت نامو:**

”هن مثنوي ۾ حمد، نعت ۽ منقبت صحابه ڪرام کان پوءِ ڪجهه بزرگان دين جا واقعا بيان ٿيل آهن. ان کان سواءِ حضرت آدم عليه السلام جي تخليق جو بيان ڪندي ساڳئي وحدت الوجود جي تند تنواري وئي آهي، جيڪا حسين بن منصور حلاج جي شهادت تي ختم ٿئي ٿي.“ (حامي،88:1983)

هن مثنوي ۾ 905 شعر آندل آهن، جيڪي بحر رمل مسدس محذوف ۾ چيل آهن. مثنوي وصلت نامو قاضي علي اڪبر درازي جو ڪيل اردو نثري ترجمو اصل فارسي متن سان سال 1965ع ۾ شايع ٿيو.

**10. وحدت نامو:**

هي 64 بندن تي مشتمل طويل نظم آهي. جنهن جي هر بند ۾ ڇهه هم قافيه مصراعون آهن ۽ هر مصرع جو وزن فعلن فعلن آهي.

”وحدت نامي ۾ تصوف جي ان نڪتي جي وضاحت ڪئي وئي آهي ته وحدت ۽ ڪثرت ٻئي هڪ آهن. ڪائنات ۾ جيڪو ڪجهه آهي اهو صفات ۾ نظر اچي ٿو ۽ اهو عين ذات آهي.“ (حامي،89:1983) وحدت نامو، قاضي علي اڪبر درازي جي ڪيل اردو نثري ترجمو اصل فارسي متن سان سال 1965ع ۾ شايع ٿيو.

سچل جو فارسي ڪلام ۽ اُن جا موضوع:

سچل سرمست عربي ۽ فارسي جو هڪ وڏو عالم هو ۽ هن کي ٻولي تي مڪمل دسترس هئي. هن نه رڳو فارسي شاعرن کي خوب پڙهيو ۽ سمجهيو پر انهن جي فڪر ۽ عرفان جو اثر پڻ قبول ڪيائين. جنهن مان سندس اعليٰ فارسي داني ۽ بصيرت جو پتو پئي ٿو. سندس فارسي شعر ۾ پڻ

وحدت الوجود جي فلسفي جي خوب اپٽار ٿيل آهي. گڏوگڏ هن جي فارسي شعر تي جذب ۽ مستي، بي خودي ۽ استغراق واري ڪيفيت طاري آهي. سچل سائين انهي جذب ۽ مستي واري پنهنجي حالت جو اظهار ڪجهه هن طرح ڪري ٿو:

من باوســــــت يار مست بما،
تاڪه از عهـــد دا دوست بما.

دوست رامونسي و هم نفسي،
چنـــــد ايامــــها گذشت بما.

آشڪــــارا تو شاد باش صنم،
عهدنـــــــامه وفا نوشت بما.
(درازي،17:1982)

(آئون يار سان گڏ مست آهيان ۽ يار مون سان مست آهي. ايتريقدر جو هن ان باري ۾ مون سان واعدو به ڪيو آهي. منهنجي ۽ منهنجي يار جي وچ ۾ هي محبت آهي اها ڪا اڄ جي ڳالهه نه آهي بلڪه ان کي گهڻو وقت ٿي چڪو آهي.اي آشڪار! تنهنجو يار خوش رهي جنهن توسان دوستي نباهڻ جو واعدو لکي ڏنو آهي.)

سچل سرمست جي فارسي شاعري جي حوالي سان ناميارو محقق ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ هن طرح لکي ٿو:

”سچل جي ڪلام مان مجموعي طور تي اهو واضح ٿئي ٿو ته هو فارسي خواندو، پڙهيل شاعر آهي ۽ صوفيانه فڪر توڙي ان جي بيان ۾ سمايل تلميحن ۽ اُهڃاڻن ۾ مٿس سنڌي روايت کان وڌيڪ فارسي روايت جو اثر آهي بعضي سندس عشقيه عبارت کي به فارسي غزل جي روايت ڏڪي وڃي ٿي جو هو محبوب کي مهٽي- هاب ڪري ٿو. سنڌ جي روايت ۾ محبوب بي ميار آهي. “(بلوچ،464:1999)

پروفيسر ڊاڪٽر ابراهيم خليل انهي ڏس ۾ لکي ٿو:

”سچل سرمست اسلامي تصوف جي فلسفي همه اوست جو زبردست مبلغ ۽ پرچارڪ آهي. هي انهيءِ فلسفي کي ڏاڍي بيباڪي ۽ بي خوفي مان ظاهر

ڪري ٿو. انهي ڪري ئي ڪيس منصور آخري الزمان ۽ حلاج ثاني پڻ چيو ويندو آهي.“ (خليل،95:1992)

سچل سرمست پنهنجي سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ۾ چيل ڪلام ۾ حقيقت ڪُل يعني همه اوست جو فلسفو بيان ڪيو آهي. ساڳي وقت هن اهوبه واضح ڪيو آهي ته انسان کي ”پاڻ سڃاڻڻ “گهرجي پنهنجي تخليق جي مقصد کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته هو اصل ڇا آهي؟ سچل پنهنجي فارسي ڪلام ۾ نفي، اثبات، وحدت، حيرت، فنا بقا، حال ۽ قال جا مضمون بيان ڪيا آهن. هن انهن مسئلن تي نهايت اثرائتي نموني، دليلن ۽ مثالن سان بحث ڪيو آهي، خاص طرح وحدانيت ۽ هيڪڙائي کي سمجهائڻ لاءِ ڪيترائي دليل ۽ مثال، قرآن شريف جي آيتن جي وسيلي بيان ڪيا آهن.

سچــل سرمســت جـــي فـارسي ڪلام جي موضوع بابت ڊاڪٽر ايچ-آء-سدارنگاڻي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو:

*“ His poetry, both in Persian and Sindhi abounds in "many a gem of purest ray serene ."It is grand in conception and form though in a few cases it falls short of the prescribed standards of material excellence. To the spiritually evolved people the flaw may not appear as such, or it may seen insignificant . his mind being submerged in the delightful flow of thought pervading the poet's vivid description of his ecstatic experience on the spiritual plane. The literary critic may ,however, view the flaw diffenrently” (* Sadarangani,1987:171)

چل سرمست جي سنڌي توڙي فارسي ڪلام ۾ صاف گوئي، نماڻائي، سڪ، بيقراري ۽ سچائي جا ڪرڙا شامل آهن .هي سندس وڏو فلسفو ۽ خيال آهي . جيتوڻيڪ ڪن شعرن ۾ دينوي خيال ملن ٿا، جيڪي دنيا کي ترڪ ڪرڻ ڏانهن اشارو ڪن ٿا .روحاني راز رکندڙ ماڻهن ۾ انهي کي عيب يا غير ضروري نه سمجهڻ گهرجي .سندس روح ۽ خيال وحدانيت ۽ وجد جي ڪيفيت ڏانهن مائل هئا، جيڪي سندس من موهيندڙ ۽ بيباڪ ڪلام مان بخوبي چٽا نظر اچن ٿا.

ڊاڪٽر ظهور الدين احمد پنهنجي ڪتاب ”پاڪستان ميں فارسي ادب “۾ سچل سائين جي ڪلام بابت هن طرح لکيو آهي:

”سچل جي فارسي ڪلام ۾ به حقيقي محبوب جي ميلاپ سان سرشار ٿيڻ، ان جي درد فراق ۾ لڇڻ، ان کي پنهنجي اندر ۾ جـــذب ڪرڻ ۽ هن جي ذات ۾

فنا ٿي وڃڻ جي جذبن جو اظهار ملي ٿو. هن جي دل ڪيف و مستي سان پرپور آهي. هو عشق جي باھ کي لڪائڻ نٿو چاهي پر ان جو وڏي واڪي اظهار ڪرڻ چاهي ٿو. هو منصور وانگر انا الحق جو نعرو هڻڻ چاهي ٿو. “(احمد، 745:1977 )

پروفيسر ڊاڪٽر ابراهيم خليل ان ڏس ۾ لکي ٿو:

”سچل سرمست نفي ۽ اثبات، فنا ۽ بقا، حال ۽ قال، ذڪر ۽ فڪر جي موضوعن تي روشني وڌي آهي ۽ ساڳي وقت موت ۽ زندگي، حق ۽ باطل، خير ۽ شر، باطن ۽ ظاهر جهڙن اهم ۽ ڳنڀير مسئلن کي پڻ موضوع بڻايو آهي“. ”عشق ۽ عقل “۽ ”عشق ۽ علم “جي پيٽ هن جو پسنديده موضوع آهي. جنهن ۾ هن عشق جي بالادستي ثابت ڪئي آهي. سندس ڪلام سوز ۽ گداز جو هڪ نادر نمونو آهي، انهي جي باوجود هن وٽ ڪيف ۽ مستي، سوز ۽ ساز، جذب ۽ سرمستي جا شاهڪار پڻ نظر اچن ٿا. “(خليل، 96:1992)

<u>پيش رو جو ذڪر:</u>

سچل سرمست جي اعليٰ معيار واري ڪلام ۾ جا به ڳالهه چئي وئي آهي سا قرآن شريف، حديث ۽ بزرگن جي اقوال ۽ افڪار کي دليل ۽ ثبوت طور پيش ڪري پوءِ بيان ڪئي وئي آهي. اسان جي هن شاعر جي وسيع مطالعي جو ثبوت سندس سمورو ڪلام آهي پر فارسي ڪلام ۾ هو حسين بن منصور ”حلاج“، شمس ”تبريز“، خواجه فريد الدين ”عطار“ ۽ احمد جام ”ژنده پيل“ جو خاص ذڪر ڪري ٿو. هي طريقت ۽ تصوف جا اُهي بزرگ آهن جن جي فڪر ۽ عرفان سڄي دنيا تي گهرو اثر ڇڏيو آهي.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ حسين بن منصور حلاج جي تعليم ۽ نظرين جو ذڪر هر جاء تي نظر ايندو، ايئن ڪٿي چئجي ته سچل جو سمورو ڪلام منصوري نعري ”اناالحق “جي ئي سمجهاڻي آهي. هن پنهنجي فارسي ديوان، ”ديوان آشڪار “۾ پڻ سندس نالو احترام سان پيش ڪيو آهي. ساڻن پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪندي ۾ چئي ٿو:

در دو جهان کن نظر باشد هستي ما،
در دل و جانِ حلاج الفت مستي ما.
(درازي، 13:198)

(ﭘﻨﻬﻲ ﺟﻬﺎﻧﻦ ﺗﻲ ﻧﻈﺮ ﻭﺟﻬﻲ ڏﺱ ﺻﺮﻑ ﺍﺳﺎﻥ ﺟﻮ ﺋﻲ ﻭﺟﻮﺩ ﺗﻮﮐﻲ ﻧﻈﺮ ﺍﻳﻨﺪﻭ ﻣﻨﺼﻮﺭ ﺟﻲ ﺩﻝ ۽ ﺭﻭﺡ ۾ ﺍﺳﺎﻥ ﺟﻲ ﺋﻲ ﻋﺸﻖ ۽ ﻣﺤﺒﺖ ﺟﻲ ﻣﺴﺘﻲ ﻧﻈﺮ ﺍﻳﻨﺪﻱ.)

ﺳﭽﻞ ﮐﻲ ﺍﻫﺎ ﻣﺴﺘﻲ ﻣﻨﺼﻮﺭﻱ ﻧﻌﺮﻱ ﺋﻲ ﻋﻄﺎ ڪﺌﻲ ﺁﻫﻲ، ﻫﻮ ﭘﺎڻ ﺋﻲ ﻭﺭﻱ ﺩﻳﻮﺍﻥ ﺁﺷڪﺎﺭ ۾ ﭼﺌﻲ ﭤﻮ:

ﺁﺷﻜﺎﺭ ﺍﺯ ﺧﻮﺩ ﺑﺮﻓﺘﻪ ﻧﻌﺮﻩ ﺍﻧﺎ ﺍﻟﺤﻖ ﺯﺩﻩ،
ﻋﻠﻢ ﻣﻨﺼﻮﺭﻱ ﺑﺮ ﺁﻭﺭﻩ ﺩﺭﻳﻦ ﺍﻳﻮﺍﻥ ﻣﺎ.
(ﺩﺭﺍﺯﻱ،37:1982)

(ﺁﺷڪﺎﺭ ﺑﻲ ﺧﻮﺩﻱ ﻣﺎﻥ ﺍﻧﺎ ﺍﻟﺤﻖ ﺟﻮ ﻧﻌﺮﻭ ﻫﻨﻴﻮ ۽ ﻣﻨﺼﻮﺭﻱ ﻋﻠﻢ ﻣﻮﻥ ﮐﻲ ﭼڪﻲ ﺍﻧﻬﻲَﺀ ﻣﻘﺎﻡ ﺗﻲ ﺁﻧﺪﻭ ﺁﻫﻲ.)

ﺣﺴﻴﻦ ﺑﻦ ﻣﻨﺼﻮﺭ ﺟﻲ ﺗﻌﻠﻴﻢ ﺟﻮ ﺳﭽﻞ ﺗﻲ ﮔﻬﭤﻮ ﺍﺛﺮ ﺁﻫﻲ. ﻓﻨﺎ ﺟﻲ ﻣﻘﺎﻡ ﺗﻲ ﺳﺮﻣﺴﺖ ﺳﺎﺋﻴﻦ ﭘﮍ ﻣﻨﺼﻮﺭ ﺟﻮ ﺫڪﺮ ڪﻨﺪﻱ ﭼﺌﻲ ﭤﻮ.

ﻣﻦ ﺷﺪﻡ ﺍﻭ ﺷﺪ ﺩﺭﻳﻦ ﺷﻜﻲ ﻧﺒﺎ ﺷﺪ ﺯﻫﺪﺍ،
ﻛﻮﺱ ﻣﻨﺼﻮﺭﻱ ﺑﻜﻮﻳﻢ ﺍﻧﺪﺭﻳﻦ ﻫﺮ ﺩﻭﺳﺮﺍ.
(ﺩﺭﺍﺯﻱ،17:1982)

(ﺍﻱ ﺯﺍﻫﺪ!ﺍﻥ ۾ ڪﻮ ﺑﻪ ﺷڪ ﻧﻪ ﺁﻫﻲ ﺗﻪ ”ﺁﺋﻮﻥ “۽ ”ﻫﻮ “ﻫڪ ﭤﻲ ﻭﻳﺎ ﺁﻫﻴﻮﻥ. ﺁﺋﻮﻥ ﭘﻨﻬﻲ ﺟﻬﺎﻧﻦ ۾ ﻣﻨﺼﻮﺭﻱ ﻧﻐﺎﺭﻭ ﻭﭴﺎﻳﺎﻥ ﭤﻮ ﭘﻴﻮ.)

ﺳﭽﻞ ﺳﺎﺋﻴﻦ ﭘﻨﻬﻨﺠﻲ ﻓﺎﺭﺳﻲ ڪﻼﻡ ۾ ڏﺍﺩﻭ ﺑﻴﺒﺎڪ ﺁﻫﻲ. ﻫﻮ ﻫﺘﻲ ﺑﻪ ”ﻣﻦ ﺧﺪﺍﻳﻢ- ﻣﻦ ﺧﺪﺍ “ﺟﻲ ﺩﻋﻮﻳٰ ڪﺮﻱ ﭤﻮ. ﺻﻮﻓﻲ ﺟﻲ ﺍﻫﺎ ﻓﻨﺎ ڪﺎﻧﭙﻮﺀِ ﺑﻘﺎ ﻭﺍﺭﻱ ﻣﻨﺰﻝ ﺁﻫﻲ. ﺟﺘﻲ ﻫﻦ ﮐﻲ ﭘﺎڻ ۾ ”ﺣﻖ “ﺟﻮ ﺟﻠﻮﻭ ﻧﻈﺮ ﺍﭼﻲ ﭤﻮ. ﺍﻫﻮ ﻣﻘﺎﻡ ڏﺍﺩﻭ ﻣﭤﺎﻧﻬﻮﻥ ﺁﻫﻲ. ﻣﻨﺼﻮﺭ ﺟﻲ ﺍﻫﺎ ﺋﻲ ﺗﻌﻠﻴﻢ ﺁﻫﻲ. ﺳﭽﻞ، ﺩﻳﻮﺍﻥ ﺁﺷڪﺎﺭ ۾ ﭼﺌﻲ ﭤﻮ:

ﻫﺮ ﻛﺠﺎﻳﻢ، ﺟﺎ ﺑﺠﺎﻳﻢ، ﻣﻦ ﺧﺪﺍﻳﻢ، ﻣﻦ ﺧﺪﺍ،
ﺗﺎﭼﻪ ﺷﺪ ﭘﻮﺷﻴﺪﻩ ﺍﻡ ﺍﺯ ﺩﺭﺩ ﺍﻳﻦ ﺧﺎﻛﻲ ﻗﺒﺎ.
(ﺩﺭﺍﺯﻱ،54:1982)

(ﻣﺎﻥ ﻫﺮ ﻫﻨﮌ ﺣﺎﺿﺮ ﻧﺎﻇﺮ ﺁﻫﻴﺎﻥ، ﻣﺎﻥ ﺧﺪﺍ ﺁﻫﻴﺎﻥ، ﻣﺎﻥ ﺧﺪﺍ ﺁﻫﻴﺎﻥ، ﭼﺎ ﭤﻴﻮ ﺟﻮ ﺩﺭﺩ ڪﺎﻥ ﻫﻲ ﺧﺎڪﻲ ﺟﺎﻣﻮ ﭘﺎﻳﻮ ﻭﻳﭡﻮ ﺁﻫﻴﺎﻥ.)

ﻭﺭﻱ ﻫڪ ﺑﻲ ﺟﺎﺀ ﺗﻲ ﺩﻳﻮﺍﻥ ﺁﺷڪﺎﺭ ۾ ﻓﺮﻣﺎﺋﻲ ﭤﻮ:

ما کفر نمیوگیم این سخن همه راست ست،
آنکـــــس که بود کافر زین معني شد منکر.
(درازي،135:1982)

(آئون ڪفر نٿو چوان، هي ڳالهه بلڪل سچ آهي جيڪو انهيءَ ڳالهه کان انڪار ڪندو ته انهيءَ معنيٰ ۾ اهو ڪافر آهي.)

احمد جام زنده پيل صوفي مسلڪ جو حق گو شاعر هو. سندس ڪلام ۾ جا بجا وحدانيت جو فلسفو بيان ٿيل آهي. سچل سائين، احمد جام سان وڏي عقيدت رکندو هو. جنهن جو اظهار هو ديوان آشڪار ۾ ڪري ٿو:

نعمت الله جام احمد جام ماست،
درمیان سوز و گـــداز آرام ماست.

من شدم عاشـــق بنام آشفتگان،
ره رفیق خواجه احمد جام ماست.
(درازي،67:1982)

(حضرت احمد جام، الله تعاليٰ جي نعمتن سان لبريز جام آهي ۽ سوزِ گداز جي هن عالم ۾ منهنجو دوست ۽ همراهه آهي. آئون ته عاشقن جي نالي تي به عاشق آهيان ۽ ان معاملي ۾ منهنجو دوست ۽ همسفر خواجه احمد جام آهي.)

احمد جام ژنده پيل ۽ سچل سرمست جي ڪلام ۾ ڪيترين ئي هڪجهڙاين پڻ نظر اچن ٿيون. ســچل سائين بار بار يار کي پاڻ ۾ ڳولڻ جي ڳالهه ڪري ٿو .احمد جام چئي ٿو ته :”يار جو جلوو هر وجود ۾ شامل آهي ۽ ان ڪري ئي مون کي هر مظهر ۾ اهو ئي نظر اچي ٿو.“ هو چئي ٿو:

اي ذات لطیف وجود کامل،
ذات تو بهـــــــر وجود شامل.

موجود بهـــــــر وجود اوشد،
باجمله صفــــات او مکمل.

والله که اوســـت درد و عالمِ،
ان حضرت بـــــــي نياز غافل.
(نوشاهي،49:1998)

(هن نفيس ۽ پاڪ ذات جو وجود مڪمل آهي، اُن جي هستي هر وجود ۾ شامل آهي، اُها ذات پنهنجن سمورن صفتن سان مڪمل آهي. اُن جو (خدا جو) قسم هو ٻنهي جهانن ۾ آهي ۽ بي نياز ۽ بي پرواهه آهي.)

سچل سرمست به اهڙي ئي ڳالهه ڪندي چئي ٿو:

من بجز يار بهر ســــــو نه دگر مي بينم،
چه بـــبـــازار چه هر کوچه شهر مي بينم.

چه طيور وچه حوش و چه جن و دي ولي،
همه اسرار الهي بـــــــــه بشر مي بينم.

دوســــــــــت فرمود تولو فثم وجه الله،
کل شـــــــــيء هو هورا به نظر مي بينم.
(درازي،40:1982)

(هر گهٽي ۽ شهر ۾ (آئون) ڪنهن ٻئي کي نٿو ڏسان. پکي هجي يا جن يا ديو هجي پر آئون سمورا اسرار الاهي انسان ۾ ڏسان ٿو. دوست فرمايو ته ”اينما تولوا فثم وجه الله“ آئون سڀن شين ۾ ان (الله تعاليٰ) کي پنهنجن اکين سان ڏسان ٿو.)

احمد جام ۽ سچل سائين جي هڪجهڙائي جو هڪ ٻيو مثال هن طرح آهي:

گاهه هر مشکل دگر پيدا شوم،
که شوم ظاهر بشکل مصطفا.
(نوشاهي،51:1998)

(ڪڏهن ڪهڙي روپ ۾ ظاهر ٿيان ٿو ته ڪڏهن ڪهڙي روپ ۾ ۽ ڪڏهن وري حضرت محمد ﷺ صورت ۾ ظاهر ٿيان ٿو.)

گاهه بي صورت گهي با صورتست،

گاھ مي آيد به مـــــــظهر مصطفا.

(درازي،31:1982)

(ڪڏهن ڪهڙو روپ اختيار ڪري ٿو وٽي ته ڪڏهن ڪو به روپ اختيار نه ٿو ڪري ۽ ڪڏهن وري حضرت محمدﷺ جي صورت ۾ جلوه گر ٿئي ٿو.)

سچل سرمست جن فارسي صوفي شاعرن کان متاثر ٿيو يا انهن کي خوب پڙهيو. انهن ۾ شيخ فريدالدين عطار اهڙو شاعر آهي جنهن جي عرفان کان اسان جو هي شاعر سچل سائين سنئون سڌو متاثر ٿيو آهي. هو پنهنجي فارسي ڪلام ۾ جا بجا خواجه عطار جو ذڪر ڪري ٿو. ايتري قدر جو عطار جا خيال، ان جا رديف ۽ وزن پڻ سچل ساڳيا ئي استعمال ڪيا آهن. ان کان سواءِ پاڻ عطار جي ڪتابن جا نالا حوالي طور پڻ آڻي ٿو.

بـــين کـــــوچه بازار نشاپـور پُر از درد،
مشـــــــهور همانجا شد عطـار بود مرد.

در منطق در وصلت او کرده بيــــــاني،
عشاق همان ست رخش روي شده زرد.

(درازي،89:1982)

(ڏسو نيشاپور جون گهٽيون ۽ بازار، درد سان پريل آهن. مشهور آهي ته اتي هڪ عطار نالي سان مرد ٿي گذريو آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب "منطق الطير "۽ "وصلت نامه" ۾ بيان ڪيو آهي ته: "عاشق اهو ئي آهي جنهن جي چهري جو رنگ زرد هجي". )

سچل سائين، خواجه عطار جي ٻن اهم ڪتابن "منطق الطير "۽"وصلت نامه "جي اهميت کي مڃيندي چئي ٿو ته : وحدانيت جي راھ تي هلندي مون اُهي ڪتاب پڙهيا آهن:

راز "وصلت نامه "خواندمه رمز "منطق الطير "را،
هم چنين فرموده است آن خـــــــواجه عطار ما.

(درازي،12:1982)

(مون "وصلت نامه "جو راز به پڙهيو ۽ "منطق الطير "جا اسرار به سمجهيا، اسان جي خواجه شيخ فريد الدين عطار جو اهو ئي چوڻ آهي.)

اهڙي طرح سچل پنهنجي ديوان ۾ ڪن هنڌن تي عطار جي ڪلام مان ڪي سٽون يا ڪي لفظ حوالي طور ڏنا آهن. مثال طور اڳ بيان ڪيل شعر جي آخري مصرع” عشاق همان ست رخش روي شده زرد“عطار جي ئي آهي.

سچل سرمست، ”ديوان آشڪار “۾ ڪيترن ئي جاين تي خواجه عطار جو ذڪر عقيدت ۽ احترام مان آندو آهي. چئي ٿو:

طبيب عشق راجائي دو ڪان ست،
که آنجا گم همه نام و نشان ست.

بروبر در فــــــريد الـــدين عــطار،
ڪـــرو اي آشـــــڪار! اين بيان ست.
(درازي،66:1982)

(عشق جي طبيب (حڪيم) جو دڪان اتي آهي، جتي سمورا نالا ۽ نشان گم آهن. اي آشڪار! شيخ فريدالدين عطار جي دروازي تي وڃ، ڇو ته اهي سڀئي هدايتون (بيان) انهيءِ جا آهن.)

خواجه عطار سان سچل سائين محبت مان نيشاپور جي مٽي ۾ پنهنجو پاڻ قربان ڪرڻ لاءِ به تيار آهي هن جي نظر ۾ عارف ۽ عشاق خواجه عطار صاحبِ درد به آهي ته هن جهڙو ڪو ٻيو ناهي. ديوان آشڪار ۾ چئي ٿو:

اي صبا باما حقيقـــــــت شهر نيشاپور کن،
ميکنم قربان بر آن خاکِ زمين اين جان وتن.
(درازي،65:1983)

(اي صبح جي ٿڌڙي هير! اسان کي نيشاپور شهر جو حال ٻڌاءِ، آئون ته انهي سرزمين جي پاڪ مٽي تي پنهنجي جان ۽ جسم قربان ڪريان ٿو).

اي دلا گر درد جوئي ســــوري نيشاپور برو،
مرد صاحب در ديارم شاه عطار ست درو.
(درازي،85:1983)

(اي دل! جيڪڏهن تون درد جي طلبگار آهين ته تون نيشاپور وڃ، ڇو ته اتي فضيلت جو صاحب موجود آهي، جيڪو صاحبِ درد به آهي ۽ منهنجو يار خواجه فريدالدين عطار اتي ئي رهي ٿو.)

يار ما باشـــــــــد يکي از صد هزار،
عارف و عـــــــاشق بود نامش عطار.

(درازي، 192:1983)

(منهنجو يار، لکن ۾ هڪ آهي، اُهو عارف ۽ عاشق آهي ۽ ان جو نالو عطار آهي.)

خواجه عطار، پنهنجي مشهور مثنوي ”منطق الطير “۾ پکين جي تمثيل ۾ سالڪ لاءِ ست واديون/ منزلون طلب، عشق، معرفت، استعنا، توحيد، حيرت ۽ فنا بيان ڪيون آهن. ستن وادين کي بيان ڪرڻ جو مقصد اهو ئي آهي ته سالڪ کي سلوڪ جي راهه تي انهن ستن وادين مان گذري پار پوڻو پوندو. ان کان پوءِ ئي سالڪ پاڻ کي حق جو جلوو سمجهي ٿو. ڇاڪاڻ ته صوفين جي تعليم مطابق وحدت مان ڪثرت ۽ ڪثرت ئي وحدت ڪُل آهي. انسان ئي الله تعاليٰ جو عين آهي. اهو ئي آدم جو پوش پائي پاڻ کي سڃاڻڻ آيو آهي. عطار چئي ٿو:

اندرون و برون، نشيب و فراز، از پس و پيش و از
يمين ويسار،
شاهـــــد ”لااله الا هـــــــــو “پيش تو پرده
گيرداز رخسار،
کاروان نفخت من روحي، بســـــر اي تو بــــــــر
گايد بار،
”ثم وجه الله“ آيدت بنظر،“ وهو معکم نمايدت ديدار،
اين تماشان چوبنگري گويي، ليس في الدار
غــــــيره ديار.)

(نفيسي،1920: 50)

(اندر ۽ ٻاهر، هيٺ ۽ مٿي، اڳيان ۽ پويان ڪٻي ۽ ساڄي، اها ئي شاهدي آهي ته ڪو به معبود سواءِ ذات باري تعاليٰ جي نه آهي. پر تنهنجي اڳيان جسماني پردو آهي، (ان ڪري نٿو ڏسين) مون ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو. جو هم سفر سرود ۽ نغمو توکي مٿي کڻي وڃي ٿو ۽ توتي نوازش ڪري ٿو. جڏهن اهو تماشو ڏسين ته پوءِ چوڻو پوندو ته: ٻنهي جهانن ۾ ذات باري تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.)

سچل سائين وري پنهنجي ديوان آشڪار ۾ ڪجهه اهڙو ئي اظهار ڪندي عطار جي اهميت تسليم ڪري ٿو. هو چئي ٿو:

کل شيء هو الله اســــــــــت مشــــــــــهور،
او بهر جائي کـــــــــرده است ظـــــــــهور.

ديــــــــــده را بـــــــاز کــن که تابــينـــــي،
ناظـــــــــر او شـــــــــده است او منظـــور.

گـــــــــر تو واقـــــــــف نه ازين اســـرار،
تـــــــا بـــــــــرو سوي شهر نيشاپـــور.
(درازي، 1982:145)

(کل شيء هو الله(هر شيءِ الله آهي) اهو مشهور آهي، هن هر جاء تي پنهنجو اظهار ڪيو آهي. اکيون کول ته جيئن ڏسي سگهين، ڏسندڙ به اُهو ئي آهي ته مقبول به اُهو ئي آهي. جيڪڏهن تون اُنهي راز کان واقف نه آهين ته توکي نيشاپور وڃڻ گهرجي جتي شيخ عطار رهي ٿو.)

سلوڪ جي راهه جي راهي کي پنهنجي اندر جي ورق کي ڌوئي صاف ڪرڻ کان پوءِ منزل حاصل ٿيڻي آهي. هڪ ئي وقت تي بندي جي دل ۾ ذاتِ واحد رهندي يا خودي ۽ وڏائي.پاڻ مان "مان "وارو فرق مٽائڻ ئي سالڪ جو اصل جهاد آهي ۽ جنهن دل ۾"مان "جو تصور موجود نه هجي ته اتي حـــــق "ئـــــــي وســـــي ٿو. خواجه عطار چوي ٿو.

چون يکي باشـــد همي نبـــــــــود دوئي!
هم مني بر خيزد و اينجا هـــــــــم توئي!
(شفق، 1955: 170)

(جڏهن ته "ذات "يا "حق "صرف واحد آهي ۽ دوئي يعني ٻيائي نه آهي، ته پوءِ "مان "۽ "تون "نڪري وڃن ٿا.)

سچل سرمست پڻ اُنهيءِ "مان "۽ "تون "کان پنهنجو پاند آجو ڪرائڻ جي تلقين ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته هن جي نظر ۾ انسان جي اها وڏائي هن جي بنيادي دشمن آهي. جيڪا هن کي حق تعاليٰ کان پري ڪري ڇڏي ٿي. مثنوي رهبر نامه ۾ سرمست اهڙو اظهار ڪري ٿو.

اي پسر بگذر تو از دوئي، خود را بشنـــاس که او خود توئي،
هردونمانند، بماند يکي، در ره توحـــــــــيد نياري شکي،
کس بدوئي هست بد ميرود، اوبميان شک و شبه ميرود.

(درازي ،52:1964)

(اي پٽ! تون دوئي کان ٻاهر نڪر، پاڻ کي سڃاڻ ته اهو تون پاڻ آهين. دوئي يا ٻه نه رهندا، رڳو هڪ رهندو، توحيد جي راهه ۾ شڪ نه آڻ. جيڪو ٻه دوئي ۾ مبتلا رهي ٿو، سو برباد ٿئي ٿو. اهو شڪ ۽ شبه جو شڪار ٿي وڃي ٿو ۽ حقيقت کان بي خبر رهي ٿو.)

ٽيجاڻي:

سچل سرمست جي فارسي شاعري تي فارسي جي صوفي شاعر فريدالدين عطار جي فڪر جو گهرو اثر ڏسجي ٿو هن پنهنجي سنڌي شاعري ۾ سندس ڪلام جا ڪيترائي نڪتا ظاهر ڪيا آهن. سچل فڪري ۽ معنوي خيال کان عطار جو پوءِلڳ ڏسجي ٿو. سنڌي شاعري ۾ جيترو خاص ذڪر سچل سائين، خواجه فريدالدين عطار جو ڪيو آهي. اهڙو ذڪر ڪنهن شاعر نه ڪيو آهي، انهيءَ ڪري سچل کي سنڌ جو عطار پڻ چيو ويو آهي. ٻنهي شاعرن وٽ حُسن، عشق، طلب، وحدت، ڪثرت، حيرت، معرفت، فنا، بقا جون ڪيتريون ئي ڳالهيون هڪجهڙيون آهن.

سچل سرمست جي نه صرف عطار سان عقيدت ۽ عرفاني يڪسانيت رهي آهي پر هو عارف جلال الدين رومي رحؒ، مولانا عبد الرحمٰن جامي جو به پيروي ڪندڙ آهي ۽ ان جي تصديق سندس مرشد حضرت عبدالحق کان هن تائين پهتي آهي، جيئن ديوان آشڪار ۾ فرمائي ٿو:

اي دلا خوشبو زشه عطار در جـــانم رسيد،
آن زبان يکبــارگي از کفر و دين مارا کشيد.

شهر نيشاپـــور در دست گر پرسي زمــــــان،
از در و ديـــــــــوار آيد نعره هل من مزيـــد.

چه جـــلال الدين، چه جامي غاشيه بـــردا او،
اين چنـــين تعريف ما از پير عبدالحق شنـيد.
(درازي ، 90:1982)

(اي دل! منهنجي روح تائين حضرت عطار جي خوشبوءِ پهچي وئي ۽ ان وقت هڪدم مون کي ڪُفر ۽ دين کان آزاد ۽ بي نياز ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن مون

کان نيشاپور شهر لاءِ پڇين ٿو ته نيشاپور جو شهر (عشق ۽ عرفان جي) درد سان پرپور آهي ۽ ان جي هر هڪ در ديوار مان ”هل من مزيد “(درد ۽ عشق جي مسلسل طلب ۽ جستجو) جو آواز پيو اچي. مولانا جلال الدين رومي هجي يا مولانا عبد الرحمان جامي، اُهي سندس چاهيندڙ ۽ پيروي ڪندڙ آهن. اها تعريف اسان پنهنجي پير طريقت حضرت عبد الحق کان ٻڌي آهي.)

سچل سرمست پنهنجي فارسي ڪلام ۾ جا بجا اُهي ساڳيا مضمون آندا آهن جيڪي هن پنهنجي سنڌي توڙي سرائڪي ڪلام ۾ بيان ڪيا آهن. هو پنهنجي هستي کي مٽائي فنا في الله جي درجي تي پهچي بقا حاصل ڪري ٿو. هو جذب ۽ مستي جي ڪيفيت ۾ ڏاڍي بيباڪانه انداز ۾ الٰهي اسرار عيان ڪري ٿو جيڪو شرعي قانون جي خلاف ورزي پڻ آهن، پر سچل، عشق الٰهي ۾ مست الست آهي ان ڪري هو دانسته ڪابه اهڙي ڳالهه نٿو چئي جيڪا شريعت جي اصولن جي خلاف هجي. هو چئي ٿو ته مان نٿو ڳالهايان پر ڳالهائڻ وارو خود ڳالهائي ٿو، هوئي جتي ڪٿي موجود آهي.

که ميگويد که مي جويد که يا بد،
نه قطره ماند باقي عين دريـــــــــا.
(درازي ، 21:1982)

(ڪير ڳالهائي پيو، ڪير جستجو ڪري رهيو آهي ۽ ڪير حاصل ڪري رهيو آهي، قطرو ڪٿي آهي هتي ته دريا ئي دريا آهي.)

حوالا :

راشدی، حسام الدین، (2002: مقالات راشدی، انسٹیٹیوٹ آف سینٹرل اینڈ ویسٹ ایشن اسٹڈیز، جامع کراچی

Sadarangani ,H.I Dr ,1987: Persian Poets of Sindh, Sindhi Adabi Board ,Hyd .

لاکو، غلام محمد ڊاڪٽر، 1987: جي سلطنت، پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو .

لاکو، غلام محمد ڊاڪٽر، 1997: سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو، مارئي سماجي سنگت ملير ڪراچي

خلیل، ابراہیم ڈاکٹر، 1992: سچل سرمست اور ان کے تعلیمی نظریات، آل پاکستان ایجوکیشنل کراچی

حامي، عطا محمد ڊاڪٽر، 1983: وکريل موتي، مرتب: مقصود گل، سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتو ديرو

بيگ، علي قلي مرزا، 1902: رسالو سچل سائين، ميشرس هريسنگه سنس سکر.

حامي، عطا محمد ڊاڪٽر، فيبروري 1967: سچي سان گڏ ڪچو ڪلام (مقالو)، ماهوار نئين زندگي، اطلاعات ڪاتو حيدرآباد
حامي، عطا محمد ڊاڪٽر، 1983:، نينهن جا نعرا، ڪافي پبليڪيشن ڪراچي
*درازی، علی اکبر قاضی، 1981: ، دیوان آشکار (جلد اول)، محکمہ اوقاف سندھ*
*درازی، علی اکبر قاضی، 1982: دیوان آشکار (جلد دوم)، محکمہ اوقاف سندھ۔*
بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر، 1999: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو
احمد، ظهورالدین ڈاکٹر، (1977: پاکستان میں فارسی ادب، اداره تحقیقات پاکستان دانشگاه پنجاب لاہور
نوشاهي، خضر، 1998: آشڪار جي ڪلام تي احمد جام جي فڪر ۽ ڪلام جا اثرات (مقالو) سرمست-18، مرتب: محمد علي حداد، سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور
نفیسی ،سعید (مرتب ). 1920: دیوان عطار "چهاپ سوم، کتاب خانه سنائی تهران
*شفق، رضا داد ڈاکٹر، 1955: ، تاریخ ادبیات ایران، (اردو ترجمہ)، ندوۃ المصنفین، اردو بازار جامع مسجد دہلی.*
درازي،علي اڪبر،قاضي 1964: (ترتيب ۽ ترجمو) مثنوي رهبر نامه

**مددي ڪتاب:**

1. علي مردان، قاضي (مرتب)، 1985: سوانح حيات قاضي علي اڪبر درازي.
2. لاشاري، رشيد احمد ,1966, سچل سرمست، سلطان حسن اينڊ سنز، ڪراچي.
3. لغاري،گل حسن، ڊاڪٽر،1989: حضرت سچل سرمست ۽ خواجه فرالدين "عطار" (مقالو)، آشڪار-1، ايڊيٽر: اياز گل، سچل چيئر،شاهه عبدالطيف يونيورسٽي، خيرپور.